www.sindhigulab.com ”سنڌي گلاب ڊاٽ ڪام“

A complete Sindhi web magazine

هڪ سمپورڻ سنڌي ويب مخزن


# شري گڻيش جينتي


ليکڪ : ڀڳوانداس ويڌاڻي


اِتهاس شاهد آهي تہ منڍ کان وٺي ٻاهريون حملاور قومون اسان جي شانتي پريہ، سپيہ ديش ۽ سُکي ستابي ديش ڀارت تي حملا ڪنديون رهنديون آهن. دنيا ڀر جي سيلانين دوارن ڀارت جي هاڪ ۽ ڌاڪ جون خبرون ٻڌي رهزن قومون اسان جي ديش تي ڪاهي ڦرمار ڪري ڀڄي وينديون هيون. هوڻ، تاتاري، منگول، هلاڪو جهڙا دشت ۽ چنگيز جهڙا مهاپاپي، تيمور جهڙا تيسمار خان، دُراچاري، مار ڌاڙ ڪري، لوٽ مار ڪري ديش کي ڪوکلو بڻائي مال متاع جا اُٺ ڀرائي ڀڄي ويندا هئا. غزني ۽ غوريءَ جهڙا هڇارا هن ديش کي هميشهہ لٽيندا ۽ ڦريندا رهندا هئا. يورپي قومون ڊچ، فرنگي، انگريزن تہ ڀارت جي ڌنوان ديش کي پائمال ڪري حڪومتون ڪڙيون ڪري ڀارتواسين کي غلام بڻائي غلاميءَ جي گهاٽي ۾ پيڙي نگهوسار ڪري ڇڏيو ۽ آزاديءَ جي پروانن، کي جيلن ۾ بندي بڻائي ڀارت ماتا کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو.

نيڪ اهڙي وت ڀارت جي سپوتن جان جوکي ۾ وجهي ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ جو ساز وڄائي ديشواسين کي ٻڌيءَ ۾ آڻي ڌارمڪ جنون پيدا ڪري ڇڏيو.

سرويڇ سپوُت هئا لعل، بال ۽ پال. اِن ترموُرتيءَ پنجاب ۾ ويساکيءَ اُتسو آرنڀ ڪري للڪار ڪري چيو تہ رنگہ دي بسنتي چولا ۽ مهاراشٽر ۾ بال گنگاڌر تلڪ گڻيش جينتيءَ جو آهوان ڪري مهاراشٽرين ۾ ايڪو ۽ اخلاص آندو. مرهٽا قوم اصل ۾ سرويڇ قوم آهي. اُنهن ۾ ٻڌي آڻي انگريزن کي لوڏي ڪڍڻ ۾ ڪابہ ڪاڻ نہ ڇڏي. آخر انگريزن کي ڀارت مان بسترو گول ڪرڻو ئي پيو.

اُهو پوِتر گڻيش چترٿي ڏوس اڄ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڌام ڌوم سان ملهائي رهيا آهن. اهڙي طرح بنگال ۾ درگا ماتا جي نوراترن جو آرنڀ ٿيو جو اڄ ڏينهن تائين ملهايو پيو وڃي.

گڻيش جينتي پوِتر ڏوس برابر ١٠ ڏينهن ڌام ڌوم سان، سڄ ڌڄ سان گجرات، مهاراشٽر، سوراشٽر ۽ ديش جي ڪوني ڪوني ۾ ملهايو پيو وڃي.

گڻيش ڀڳوان جو وگهن هرتا، ايڪ دنتر، ونايڪ ۽ شڀ ڪريا ڪرم جو آد ديوتا مڃيو ويو آهي پُراڻن جي زماني کان اُن جي مهما ڳائي پيئي وڃي. ڀڳوان شنڪر ۽ پاروتي ديويءَ جا ٻہ سپتر ڇيا وڄن ٿا. هڪ وڏو هو ڪارتڪ مهراج تہ ٻيو هو ننڍو گڻيش. هڪ دفعي ٻنهي ڀائرن ۾ اها هوڏ (شرط) لڳي تہ ٻنهي مان ڪير مهان آهي؟ اهڙو شرط نباڻڻ لاءِ ٻئي پاروتيءَ وٽ آيا. پاروتيءَ کين سمجهايو تہ ٻنهي مان جيڪو اڳ ۾ ٦٨ تيرٿ ڪري گهر ۾ ايندو اُهو ئي وڏو مهان ليکبو. ڪارتڪ مهراج تہ مور تي چڙهي جلد اُڏاڻو پر ويچارو گڻيش، جنهن جو گهاگهر جهڙو موٽو پيٽ هو ۽ هاٿيءَ جي سر وارو مٿو هو سو اچي منجهيو تنهن هڪ اٽڪل ڪري، ماءُ پاروتيءَ ۽ پيءُ شنڪر کي آسڻ تي ويهاري اُنهن جي چوڌاري پرڪرما ڪري ڦرندي ڦرندي چوڻ لڳو تہ ”ماتا ديوي ڀوہ، پتا ديوي ڀوہ“ اهڙيءَ طرح ٦٨ ڦيرا پورا ڪري ماءُ پيءُ کي چرڻ وندنا ڪري چوڻ لڳو تہ ”ماءُ پيءُ کان وڌيڪ تيرٿ ٻيو ڪونهي، مون ٦٨ ڦيرا پورا ڪري ٦٨ تيرٿ گهر ۾ ئي پورا ڪري ڇڏيا.“ اها ڳالهہ ٻڌي، شو شنڪر ڀڳوان کلي پرسن ٿي گڻيش کي آشيرواد ڏيئي چيو تہ تو جهڙي سمجهہ ۽ ٻُڌي ٻئي کي ڪانهي. تون ئي سڀني ديوتائن کان وڌيڪ پوڄڻ لائق ٿيندين ۽ سڀني شڀ ڪرمن ۾ پهريائين تنهنجي ئي پوڄا ڪئي ويندي ان ڪري اڄ ٻہ آد جڳاد کان وٺي ڪهڙو بہ شڀ ڪرم چو نہ شادي وواهہ هجي يا ڌنڌي ڌاڙي بابت هجي يا چوپڙي، جاءِ وغيره جو مهورت هجي تہ پهريائين وگهن سماپتيءَ لاءِ ڀڳوان گڻيش جي ئي پوڄا ڪئي ويندي آهي نہ فقط هندو ڌرم گڻيش جي پوڄا ڪندي آهي پر هر قوم جا ماڻهو گڻيش جي پوڄا ڪندا آهن. ٻار ڄمندو آهي تہ اُن جي ڇنيءَ تي گڻيش جو سواستڪ روپ اُڪاريو ويندو آهي. ڏياريءَ يا دسهڙي تي نون چوپڙن جو مهورت بہ اُن جي پوڄا سان آرنڀ ڪيو ويندو آهي. مطلب تہ نروگهن، وگهن هرتا، گڻيش جي پوڄا جو مهاتم سڀني کان مهان آهي. اسان هندو قوم کي اهڙيءَ طرح ٻڌيءَ ۾ آڻي دئيتن کي دئينتا جو سبق سيکارڻ لاءِ اهڙي ديوتا جي پوڄا تي زور ڏيڻ گهرجي. اُن ۾ فقط شرڌا ڀاونا هئڻ ضروري آهي. اڄ جيتوڻيڪ هن بي حياءُ وگيان جي يُگہ ۾ اسان پنهنجن پُراڻن جي سکيا کي وساري ويٺا آهيون تہ بہ اُن جي پوڄا بنا چاڙهو ڪونهي. جتي وگيان جواب ڏو ڏيئي ڀي اُتي وگهن هرتا گڻيش جي ئي وگهن دور ڪري ٿو. هڪ انگريز ريلوي آفيسر هو جنهن ڏٺو تہ هڪ هنڌ گاڏي اٽڪي بيني آهي. اُن کي هلائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ويئي تہ بہ گاڏي اڳتي چرڻ کان نابري واري ويني. آخر هڪ اڻ پڙهيل آديواسيءَ سگنل مين کي چيو تہ اُتي گڻيش ڀڳوان جو ڏيرو آهي اُن جي پوڄا ڪئي وڃي تہ گاڏي اڳتي هلندي. نيٺ انگريز ان جي ڳالهہ مڃي هڪدم حڪم ڪيو تہ نروگهن گڻيش ديوتا جي پوڄا ناريل ۽ اگربتين سان ڪئي وڃي. جڏهن گڻيش ديوتا کي مڃايو ويو تڏهن انجڻ هلڻ شروع ڪيو هو. سنڌ ۾ بخش جتوئي، لاڙڪاڻي جي پرسان اکين ڏٺو ڪؤتڪ آهي. خود اسان جو لاڏلو راشٽرپتي شريمان ڪلام صاحب بہ چوندو آهي تہ اسان سڀ اُن جي پوڄا ڪري ڪوبہ نئون ڪم شروع ڪندا آهيون ان ۾ انڌ شرڌا جو سوال ڪونهي پر شرڌا ۽ صدق جي ضرورت آهي.

پُراڻن جي هڪ ٻي وارتا آهي تہ برهما پنهنجي سُپتر ويد وياس کي آگيا ڪئي تہ ڀاڳوت جو ليکن ڪاريہ ڪيو وڃي. اُن تي ويد وياس چيو تہ مان ان ڪم لاءِ تيار آهيان پر ليکڪ، جو تمام تڪڙو لکي ڄاڻي اُهو مونکي ڏنو وڃي. تڏهن جلدي ليکہ لکڻ لاءِ شري گڻيش کي مقرر ڪيو ويو. اُن ڏند جي پرتاب سان شريمد ڀاڳوت جو ليکن ڪاريہ ڪري جس کٽيو هو. مطلب تہ مهان دياوان مهان ليکڪ ۽ ديالو هرهميشهہ پرسن چت رهڻ وارو ٻيو ديوتا ٣٣ ڪروڙن ديوتائن ۾ ڪونهي. ان ڪري تہ هرهنڌ اُن جي ئي مهما جي ڌوم چوڌاري مچي رهي آهي. توهان تازيون اخبارون پڙهندا هوندا اُنهن ۾ تہ اهڙا عجيب و غريب احوال ٿا پڙهڻ ۾ اچن تہ ٧٥ ڪلو تور گيهہ جو گڻيش ديوتا جو پتلو ٺاهي اُن جي لڳن ۽ اُمنگہ سان پوڄا ڪئي ٿي وڃي! ڪالهہ اخبار ۾ پڙهڻ ۾ آيو تہ احمدآباد جي هڪ ڀاڱي ۾ پريمين سُکي ميووي اکروٽن، بادامين، پستن ۽ ڪشمڪش وغيره مان ٩ فوٽ لنبو گڻيش ڀڳوان جو پتلو ڪڙو ڪيو آهي ۽ هر شخص پيدياوَ وساري اُن جي پوڄا لاءِ پڙاپڙي ڪري رهيو آهي.

هر طبقي جا ماڻهو ڌنڌي ڌاڙي کي پاسيرو رکي ١٠ ڏينهن گڻيش ڀڳوان جي پوڄا ڪرڻ ۾ گهر ٻار سوڌو مشغول آهن ۽ ٿيو وڃن. اهو سڀ ڇا تو ڏيکاري؟ اهو دل جو اُمنگہ ۽ دل جا سچا ڀاو ئي آهن. پوءِ شُڌ ڀاونا جو ڀاڙو ڀڳوان ڇو نہ ڏيندو؟ سامي صاحب چيو آهي تہ ”ڀاونا جو ڀاڙو سامي ڏئي سيکي.“ اڄ هر پاڙي لتي ۾ فقط گڻيش ڀڳوان جي ئي مڃوتي ۽ پوڄا ٿي رهي آهي. اهڙا اُتسو ڀلي اچن جي اسان ۾ ايڪتا اخلاص ۽ اُمنگہ ڀري سڀ جو ڀلو ڪريون. اڄايو سڄايو سياسي پارٽيون، قومن ۽ ڌرمن جي وچم ناسازيءَ جو ٻڄ ڇٽي اِنسانيت کي ڪڏي ۾ اُڇلائي، پنهنجا پيٽ ڀري، ونجوڳہ ۾ وجهي ملڪ جو ٻيڙو غرق ڪري رهيا آهن. هڪ مسلمان شاعر تي ايتري قدر چيو آهي تہ ’بندا خدا نهين، پر خدا سي جدا ڀي نهين. بندا خدا ڪا نوُر هئہ.‘ ان ڪري اچو تہ اهڙن شڀ موقعن تي پاڻ ۾ ملي ڪير ڪنڊ تي ديش کي اڏيون، ديش مان بيماري، غريبي ۽ جهالت کي تڙي ڪڍون. اڳہ وانگر ديش ۾ کير ۽ ماکيءَ جو نديون وهايون! آمين شري مئلي شرڻ بہ چيو آهي تہ : ’ڪيا ٿي، ڪيا هو گئي؟ ڪيا هونگي سيي؟ آئو ملڪر سمجهين سمسيائين سيي.“